# ڀلائي بُرائيءَ

هِڪ دفعي هِڪُ ڊاڪو مرڻينگ حالت ۾ اِسپتال ۾ داخل ٿيو. ڏاڍي تڪليف هئس. اِسپتال ۾ جنهن وارڊ ۾ داخل ٿيو اُتي هِڪ دياوان نرس ڪم ڪندي هُئي. نرس جي سُٺي سنڀال ۽ شيوا ڪرڻ ڪري ڊاڪو بهتر ٿيندو ويو.

علاج جي وقت ڊاڪوءَ جي من ۾ ويچار آيو ته هِن نرس کي ڪٿي نه ڪٿي ضرور ڏٺو آهي. جڏهن ڳالهائڻ ٻولائڻ جهڙو ٿيو ته هن نرس کي پڇيائين، ”مون توکي ڪٿي ڏٺو آهي“ پرهن جي سوال جواب بدران نرس ماٺ ۾ مُشڪي اُتان هلي ويئي. ور ور ڪري پُڇڻ کان پوءِ نرس جواب نه ڏنو. ڊاڪوءَ جيڏاڍي چاهنا هُئي ته نرس جي پوري سڃاڻپ ملي. آخر ۾ ڊاڪو نرس کي چيو ” هاڻي جيڪر سُڃاڻپ نه ڏيندين ته مان ٿپو ڏيئي آپگهات ڪندس“. نرس ڊڄي ويئي. لاچار ٿي ڌُڪ ڀري آوازمِ چيائين،” ياءِ، مان هِڪَ وڌوا ڀيڻ آهيان. تو ئي مونکي وڌوا ڪيو آهي. هِڪَ رات تون ئي ڊاڪو ٿي اسان جي گهر آئين. مونکي رسي سان ٻڌي مُنهنجي اکين اڳيان تو مُنهنجي پتيءَ جو خُون ڪيو. مُنهنجي گهر جو سڀ ڪُجهه ڪٽي مونکي سُڃو ڪري ڇڏيو. جڏهن تون هن اِسپتال ۾ آئين، ته مون توکي بر وقت سُڃاتو. چاهيان هان ته توکان بدلو وٺي سگهان هان پر اندر مان آواز آيم ته بُرائي جو بدلو ڀلائي هُئڻ گهُرجي.

اِن ڪري تُنهنجي سچي شيوا ڪري سٺي سنڀال ڪري توکي جلد ٺيڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم.“

ميرا ڪپڙا صابڻُ سان ئي ڌوئبا آهن، ان طرح بري ماڻهوءَ سان سُٺو ورتاءُ ڪبو ته سندس من به صاف ٿيندو ۽ پاڻ به ٻين سان برائيءَ بدلي ڀلائي ڪندو.

ڀلائي ڪندين تان ڀلو تنهنجو ٿيندو، ڀلائيءَ جا ٻاڙا ڏٽي توکي ڏيندو.


12B/2 Jethi K. Sipahimalani Soc., Mahim, Mumbai 400016, India 0091 22 24464941/ 9821473200
www.sindhisangat.com, www.sindhisaathi.org, www.sindhisangat.tv, info@sindhisangat.com